درويش درشن



پرم پوجنيه سوامي آشارام صاحب

آڌياتمڪ ماهوار رسالو

ॐ

درويش درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو

سنت شري آشارام آشرم

سابرمتي، احمدآباد-٣٨٠٠٠٥.

(٠٧٩)٧٥٠٥٠١١ ،٧٥٠٥٠١٠

سال ٢٠	چندو (پارت)	ولايت
پرچو ٧	ساليانو ١٥ ر	ساليانو ١٥٠ ر
جولاءِ ١٩٩٧	آجيون ١٥٠ ر	آجيون ١٥٠٠ ر

☆ سُکن جي مٽي ☆

سمرؤ سمر سک پاوُ
ڪل ڪليش تن مانهہ مٽاوُ
سمرءُ جاس بشمير ايڪي
نام جپت اگنت انيڪي
بيد پران سمرت سڌ اڪير
ڪيني رام نام اڪ اڪير
ڪنڪا ايڪ جس جيوُ بساوي
تاڪي مهما گني نہ آوي
ڪانڪي ايڪيُ درس تهارو
نانڪ ان سنگہ موہ اُڌارو
سکمني سک امرت پربهُ نام
بهگت جنان ڪي من بسرام (رهاءُ)

اُپديش امرت

جوڌپور جي راڻيءَ جي ڳالھہ آ ڪن تہ ھوءَ ڪنھن آتم
ي مھاتما وٽ ويئي. چيائين ،” سائين ! مونکي چت جي
تي ڪانہ آھي، پرٻوڌ ڪريو.“ مھاتما ھن کي چيو تہ ”
ھڪال اُتي من ايڪاگر ڪري، آتم چنتن ڪر.“
راڻيءَ وراڻي ڏني:” مھاراج ! اھو ڪم ڏاڍو ڏکيو آھي،
ڪان ڪين ٿي سگھندو. ڪنھن ڏينھن محفل پارٽيءَ ۾،
نھن ڏينھن ناچ ۽ گاني ۾، مطلب تہ ڪنھن نہ ڪنھن اُتسوَ
ھائڻ ۾ مونکي رات جا ٻہ لڳي ٿا وڃن، پوءِ وري چئين بجي
بڻن اُٿڻ ٿيندو ؟اھو ڪارڻ تہ مونکان ڪين ٿي سگھندو.“
ن چئي ھوءَ سنتن کان موڪلائي نااُميد ٿي ويندي رھي. ڪي
ندا تہ ائڪٽر ۽ ائڪٽريسون خوش ھونديون، جام پئسا پيا
مائين نہ ڙي نہ ، اُھي بہ خوش ڪين آھن.
بمبئيءَ ۾ ھڪ نرگس نالي ايڪٽرس ھئي. اُنجي ڳالھہ آ
ن تہ جنم دن تي ھنکي ڪتان ڪتان جون سوکڙيون پاکڙيون
ون، جن مان ھڪ سچڻ ھن کي ٻڌ ديوَ جي مورتي موڪلي.
ءِ اُھا مورتي ڏسي ڏاڍي پرسن ٿي. چوڻ لڳي تہ سڀني سوکڙين
ان ھيءَ ئي ھڪ اُتم سوکڙي آھي. منھنجي دل جڏھن اشانت
وندي آھي، تڏھن ھن ڏانھن نھارڻ سان مونکي آنند ايندو
ھي. بي چئنيءَ جي حالت ۾ ٻڌ ديوَ جي مورتيءَ وٽ اُنجي
رنن ۾ سيس نوائي، آنسوُن وھائي، آتم چنتن ڪري، دل کي
انت ڪندي آھيان.
طلب تہ آتم چنتن ئي سچي سکہ جو ساڌن آھي.

”پرمن مان جند تن جي چٽي،
* جن صورت صاف پنھنجي ڏيٺي“.

**

☆ اُپديش امرت ☆

پوجنيہ سائين ليلاشاهہ مهراج

آتم گيان

دنيا ۾ سک شانتي ڪنهن مال متاع ڌن دؤلت ۽ ڪٽنب قبيلي ۾ ڪانہ آتوَ. ڪنهن جي پگهار ٥٠ روپيہ آهي تہ هوُ سمجهندو هوندو تہ ١٠٠ روپيہ پگهار وارو مونکان وڌيڪ سکي هوندو. ١٠٠ روپيہ پگهار وارن کان پڇي ڏسو تہ سکي آهيو ؟ اُهي چوندا تہ اسان کان ١٥٠ رپيہ پگهار وارا وڌيڪ سکي آهن .

مطلب تہ ڪوئي بہ پاڻ کي سکي نٿو سمجهي. هنجي اندر ۾ هڪ قسم جي مانسڪ بيماري رهي ٿي. آتم گيان بنا ترپتي ٿيڻي ڪان اٿوَ،ڪان اٿوَ. سوين ڪٿي پو ٿيون پراڻ پڙهو، هزارين ڪٿي ساڌن ڪريو يا ورت نيم ڌارڻ ڪريو، پر آتم گيان ڪانسواءِ ڪنهن بہ حالت ۾ شانتي ڪانہ پراپت ٿيندوَ.

جن کي خماري، چڙهي آتم پد جي،
متي تنهنجي من مون خودي خواري،
لنوَ لنوَ منجهہ تاري، سامي لڳي سروپ جي.

راجا چوندو تہ مان مهاراجا ٿيان. ڪير ڪٿي هي سنسار ڇڏي بن ۾ وڃي واسو ڪري، تہ بہ اُتي من جي سنسار کان ڪداچت ڇٽي ڪين سگهندو، اُتي بہ پيو من گهوڙي وانگر ڊوڙندس. سچو سک ۽ شانتي تہ ويچار ۾ اٿوَ، ستپرشن جي سنگ ۾ اٿوَ، جتان آتم گيان جي لکا پوي ٿي . آتم گيان ئي شانتيءَ جي ڪنجي اٿوَ.

يو گيتا نہ هجي تہ بہ تون نراس نہ ٿيءُ، ڪنهن برهم گياني
ت پرش جي شرڻ ۾ وڃ. اُهي ست پرش ويدن جا ودوان، آزمودگ
ست چت ۾ مگن رهڻ وارا، پراڻي ماتر جي لاءِ متر ياونا سان
بل ۽ ڪرتويہ اڪرتويہ جا سچا پارکو هوندا آهن. اُنهن جي شرڻ
وچي پنهنجي من جو سماڌان (حل) پائي وٺ.
جيڪي برهم گياني گرو آهن انهن جي رهبريءَ ۾ اِندر ديو،
ڻ (جل)ديو، متر ۽ سوريہ ديو جو مارگ درشن بہ سمايل آهي.
اِندر ديوتا مال- ملڪيت، شڪتي، واڌارو، جيہ ۽ وڃيہ جي
بر ڏيندڙ آهي. جل ديوتا ورُڻ پاپ ناس ڪندڙ شڪتيءَ جو
درش ڏيڪاريندڙ آهي. هوُ مترتا ۽ هڪ ٻئي جي سک سنيه جو
وچڪ آهي. سوريہ ديوتا اوچ نيچ ۾ اييد وهنوار ۽ نيائڪاري
يوتا آهي. برهم گيانيءَ جي رهبريءَ ۾ انهن سڀني ديوتائن جو
يلاپ هوندو آهي. ارٿات انهن ديون جي سکيا برهم گيانين جي
ارگ درشن ۾ ازخود سمايل مڃي سگهجي ٿي.
انڪري روزمره جي جيون ۾ پنهنجو پاڻ حل نہ پائي سگهجي
هڙو ڪو مسئلو اچي تہ برهم گياني مهاپرش جي صلاح وٺجي.
ن انوسار هلي تون آتم اُچائيءَ کي پراپت ڪر، اهڙيءَ طرح تون
جيہ حاصل ڪري سگهندين، پاپن کان بچي ويندين، ماڻهو ماڻهوءَ
ءِ مترياوُ جاڳندءِ ۽ نياءُ جو آدرش اسٿاپت ڪري سگهندين.
جيون ۾ جڏهن بہ شڪ سنسا توکي گهيرين تہ برهم گياني
ست پرش ۽ پرماتما جي سنمڪہ نرمل من سان پهچي وڃ، انهن جو
مارگ درشن وٺ ۽ سيس نوائي پنهنجي جيون جو ست ڦل پراپت
ڪري وٺ. هنن جي آگيا کي پنهنجي جيون جو قانون بڻاءِ.

علم ڪهتي نهين، الفاظ ڪي پهچان ڪو، ❋
علم ڪهتي هئن جو بتائي، زندگي ڪي نشان ڪو،
علم اگرچ پڙهہ ليئا. عالم ڪهايا تو ڪيا هئا ؟
جب تڪ اُس پر عمل ڪرنا نہ آيا، تو ڪيا هئا ؟

❋ ❋

☆ ويد واڻي ☆

प्र नूनं ब्रह्मणस्पतिर्
मन्त्रं वदत्युकथ्यम् ।
यस्मिन्निन्द्रो वरणो मित्रो
अर्यमा देवा ओकांसि चक्रिरे ॥

” سچ پچ پرماتما ۽ برهم گياني مها پرش ئي صحيح روپ ۾ ساراهه جوڳي صلاح ڏيندا آهن. انهن جي صلاح ۾ اِندر، ورُڻ، متر ۽ سوريه ديوتائن جو نواس هوندو آهي.“

(رُگ ويد : ١.٤٠.٥)

هي جڳ جنجال ۾ قاتل - راهه ڀُليل منش ! طوفانن جا اهڙا لوڏا ته جيون ۾ قدم قدم تي ايندا ئي رهندا . انهن کان ٻجي ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڇو ٿو ڀٽڪين ؟

جڏهن توکي ڪوئي مار گ نظر نه اچي ته پرماتما جي شرڻ ۾ اچي وڃ. ان جي دويه جوتي توکي پرڪاش ميه بڻائي ڇڏيندي.

ڪڏهن به تون ڪنهن ڪرم هيٺ ۽ نادان واٽهڙي کي پنهنجو رهبر نه بڻائج. نه ته ته هوُ توکي به راهه تان رولي ڇڏيندءِ.

تنهنجي ابوڌ من ۾ جڏهن به ڪرتويه اڪرتويه جا ويچار توکي ٻه چتو ڪن ته تون انترمکه ٿي وڃ ۽ دل سان ٻالڪ ڀاونا سان پرڄي دويه گيان جو ڀنڊار ڀڳوان جي شرڻ ۾ وڃ. پنهنجون سڀ پريشانيون هن جي اڳيان رکي ڇڏ ۽ نشچنت ٿي وڃ. پرم ديالو پريو هر حال ۾ مار گ ۔ درشن ڏيندءِ. هنجو گيان ديپڪ ٻرندو ۽ تنهنجي دل جو انڌڪار متجي تنهنجي راهه روشن ڪندو.

جيڪڏهن تو ۾ پرماتما جي پرتيڪ پريرڻا ٻڌڻ ۽ گرهڻ ڪرڻ

जवा करो जो भी करो अपर्ण करो भगवान को ।
सदा कर दो समर्पण त्यागकर अभिमान को ।।

تہ گيتا جي هن گيان يوگہ کي، ڪرم يوگہ کي، ايشور ڀڳتيءَ
پنهنجي جيون ۾ ساڌن جي روپ ۾ ڪم آڻي، هڪڙي ڪوشش
ڻ ئي گيتا ڀڳت جي ساڌنا آهي. اهائي هن جي سيني ڪوششن
ب سماپتي آهي. فقط هڪ دفعو گيتا جي گيان کي وهنوار ۾ آڻي
ن ئي اهو ساڌڪ يا ڀڳت سيني ۾ پرماتما کي ۽ پرماتما ۾ سيني
ب ڏسندي خود ڀڳوان جو روپ بڻجي نريہ ٿي ويندو آهي.
انڪري هن زندگيءَ ۾ گيتا جي يوگہ کي ڪرڻ جي لاءِ درڍ پرشارٿ
ريو. ڪڏهن ڪڏهن ايڪانت ۾ ڌيان، يوگہ ۽ ساڌنا ڪري پنهنجي
ت کي نشڪام بڻائيندا وڃو. اها نشڪامتا هرروز وهنوار ۾ توهانکي
رم يوگہ جو پرساد چکائيندي آهي. ساڌن-ڀڄن جو وقت روز هڪ
٢ ڪلاڪ، هرديہ شڌيءَ لاءِ هڪ بہ ڪلاڪ ئي کپي ائين ڪڏهن بہ نہ
ڇڄو. اهو وقت تہ نشچت آهي ئي، مگر وهنوار جو ڪاريہ ڪندي
، هرديہ جي شڌيءَ ڏانهن ڌيان رکندي رکندي گيتا جي سمتا جي
وگہ جو انڀو ڪرڻ لاءِ درڍ نشچيي بڻجو.
سجاڳہ ٿيو، لڳي وڃو، وقت ويندو پيو وڃي. اجايا ڪرم، اجايو
چنتن ۽ اجائي سنگت کان بچي نشڪام ڪرم، ستسنگہ ۽ آتم سروپ
و چنتن لڳاتار هلندو رهي..... چت جي اوستا هردم برابر رهي ان
ي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏيڻو پوندو.
برهم مهورت (پريات ويلي) بستري تي ويهي چنتن ڪريو تہ ”
ڪهڙي بہ پراِستٿي اچي پر چت کي شانت رکندس، جيڪو ڪجهہ
ڪندس ايشور ۽ گروديو پرسن ٿين اهڙو ئي ڪندس.“ اهڙو درڍ
نشچيہ ڪريو. سواسن کي نهاريندا وڃو. من ئي من سواسن کي ڳڻيندا
وڃو.

☆ گيتا امرت ☆

(اڳئين انڪ هلندڙ..........)

شريمد ڀڳوت گيتا جي مت انوسار منش اهو آهي جيڪو ڀڳوان جي مت جو انوشٺان ڪندو آهي (ڀڳوان جي ٻتايل مارڳ تي محڪمتا سان هلندو آهي.) ڪرم يوڳي، ڀڌ يوڳي، ڪشمڪش جي يوڳي يا يوڳ يوڳي ۾ رهندي بہ پنهنجين سمورين ڪريائن ۽ ڪرمن کي پرماتما جي ارپڻ ڪندو رهي تڏهن ئي اچل شانتيءَ جي پراپتي تي سگهي ٿي.

شڪتيءَ جي اُپاسنا سامرٿيہ پردان ڪري ٿي. گيان جي سمجهہ شانتي بخشيندڙ آهن. ليڪن جيڪو ساڌڪ پرماتما يا ستگروءَ جي چرڻن ۾ سمرپڻ ڪري ٿو اُنجي جيون ۾ شانتي ۽ شڪتي ٻئي گڏو گڏ پرگهٽ ٿين ٿيون، ڇاڪاڻ تہ سمرپڻ ڀاو سان شرڻ ڏيندڙ جي شڪتي ۽ گيان اهي ٻئي سمرپت منش کي پرساد جي روپ ۾ سليڀ ٿي وڃن ٿا. گيتا جي ارڙهين اڌياءَ جي ڇاهٺ شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌايو آهي :

सर्वधर्मान्परित्यज्य मामेकं शरणं व्रज ।
अहं त्वा सर्वपापेभ्यो मोक्षयिष्यामि मा शुच : ।।

ڇڏي ڌرم سڀ، وٺ تون منهنجي ئي راهہ
تون منهنجي سرن وٺ ۽ منهنجي پناهہ
سڀئي پاپ تنهنجا ڪندس آءٌ دور
اي ارجن ! سڪي ٿيندين غم ڪر نہ مور.

ٻيا سڀ وهم ويچار ڇڏي مون هڪ جو اپياسي ٿي رهہ.
مان توکي سڀني گناهن (ڪرم ٻنڌنن) کان ضرور مڪت ڪندس.

करत करत अभ्यास के जड़मति होत सुजान
रसरी आवत-जात ते सिल पर परत निसान

اس ئي گرو آهي. توهان ڪٿن ڪان ڪٿن اڀياس
يو، ساڌنا جو اڀياس ڪريو تہ توهان پنهنجي ساڌيہ
قصد) تي پهچي سگنهدا. اگر نہ، گرو توهان تي ديا
ي جيڪڏهن ڪو چمتڪار بہ ڪري ڏيکارين ۽ توهان
سماڌي اوستا ۾ بہ پهچائي ڇڏين، پر اڀياس جي
وَ ۾ توهان اُن جو ستقل پراپت نہ ڪري سگهندا ۽
يان جي اِستتي ڌِرشنڪوءَ جيان بڻجي سگهي تي.
ڪري گرو - اُپديش پڌڻ لاءِ سدائين تتپر رهو. گرو-
ري ۾ رهي يوگہ اڀياس ڪرڻ وارو شش جدا جدا وگ
ن ۽ رنڌڪن ڪان بہ نڊر رهندو آهي. جيڪي بہ سنڪٽ
ڌنا-ياترا ۾ ايندا آهن، اُنهن کي خوشيءَ سان
ڪري ويندو آهي.

ڱرو هڪ وشال وڻ جيان آهي، شش اُنجو ڦل، ايشور
ل ۽ شاستر پرتويءَ جيان آهي. ايمان ڪري گروءَ جو
اڳہ ڪرڻ شش جو ڪِرڻ آهي. ڪِريل شش ايشور ۽
استر سان نہ پچندو آهي هنجو ڪلياڻ ڪڏهن بہ نہ
ب سگهندو. گُرن جي بنا شاستر اڀياس ڪرڻ سان ايمان
دا ٿيندو آهي. ايمان گيان جي پراپتي نہ ڪرائي نرڪ ڏانهن
ڪي وٺي ويندو آهي.

سنان پاڻي ڪري جنهن مهل بہ پراڻايام ڪريو تڏهن گهرا سواس (ساهہ) کڻو. نڪ وٽان پيٽ اندر ڪري سواس سان ڀرپور ڀري وڃو. اڌ منٽ ڪانپوءِ ڌيري ڌيري سواس ڇڏيو. ڏهہ پندرهان ڀيرا ائين ڪريو. صبح جو خالي پيٽ تلسيءَ جو رس ۽ سوَ بہ سوَ گرام ڏهي يا ڇاڇ پيئڻ سان توهانجي پيٽ جا انيڪ روڳ لهي ويندا. چستي ۽ تندرستي وڌندي.

نتيہ پاٺ سان سکيادايڪ شلوڪ، امولڪ وچن ۽ ڀڳوان جي مهما جا پستڪ گڏ رکو. سچي ڏينهن ۾ جنهن مهل بہ وقت مليوَ انهنجو فاعدو وٺو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هڪ انوکو آنند، آتما-پرماتما جون روحاني جهانڪيون ملڻ لڳندوَ. سکہ - دکہ ۾ ساوڌان ۽ روحاني سمتا ۾ رهڻ جي يوگيتا جو وڪاس ڪريو. اکيون سدائين لاءِ بند ٿي وڃن ان کان اڳہ آتم گيان جي اکہ کولي ڇڏيو. جيون جي سنڌيا اچي وڃي ان کان اڳہ جيون داتا سان ملاقات ڪري ڇڏيو.

همٿ ڪريو. ڌيان ڌريو. هيءُ جڳت ڪمزورن لاءِ نہ آهي. هار جيت جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ لڳا رهو..... لڳا رهو.....جيت توهانجي ئي ٿيندي. توهان تہ ڏنيہ ٿيندو ئي، توهانجي سنگہ ۾ اچڻ وارو بہ ڏنيہ ٿيڻ لڳندو.

ڪاريہ ڪرڻ ۾ سڄاڳي.........سمتا......سداچار.........ساهس.......

اوم گرو اوم

* جيڪو ٿيندو آهي، ڀڳوان جي اِڇا يا پرالبڌ ڪري ٿيندو آهي. ڀڳوان جي اِڇا هر طرح منگل ميہ آهي، پرالبڌ جي انوسار ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ ضروري آهي، اهڙي ڀاونا ڪري سنسارڪ هرکہ-شوڪ جي موقعن کان پرڀاوت نہ ٿجو.

* *

دور تي ويندا.

کنهن جي سکي حالت ڏسي توهان اها اِڇا نہ کريو تہ فلاڻي ماڻهوءَ
ت اُچي گاڏي آهي سٺو بنگلو آهي مون وٽ بہ اچي وڃي . نہ......
.... پر توهان اهو ڏسو تہ جنهن وٽ سڀ آهي، ڇا هوُ پورڻ سکي آهي
لوکک سکہ- سهوليتون هجڻ سان ئي کو منش پورڻ سکي نٿو ٿي
جي. انجو مطلب اهو بہ نہ آهي تہ توهان آلسي ٿي وڃو، نراشاوادي ٿي
جو يا کانير ٿي وڃو، مگر توهان تہ حالتن کي انوکول بڻائڻ جي
وشش کريو. ان وقت اندران کان ائين سوچيو تہ اها پرِاستتي آهي،
جڻ- وڃڻ واري آهي.

بالکپڻ جي پرِاستتي آئي ۽ هلي ويئي. اُهي رانديکا، اُهي دوست
غيره سڀ بدلجي ويا پر انهن کي ڏسڻ وارو ساکي، آتما نہ بدلجيو، اهو
ي جيون آهي. پرِاستتي ۽ سرير جيون نہ آهن. جيون تہ اهو آهي جنهن
ي مرتيوءَ جو پاڇو بہ نٿو پهچي سگهي. اهڙيءَ طرح ٻالکپڻ کان ٻاهر
کتاسين تہ جواني آئي. جواني بدلجي تہ ٻڍاپو ايندو آهي. ٻڍاپي کان
ر پوڻ تي نئون جنم ايندو آهي. اهڙيءَ طرح هن سرير جون اوستائون
کيتريون ئي بدلجنديون رهنديون آهن پر انهن کي ڏسڻ وارو درشٽا
ک ئي آهي اهو تون ئي آهين.

جيستائين ان ڳالهہ جو گيان نہ ٿيندو، تيستائين بدلجندڙ پرِاسٿتين
ان گڏ پاڻ کي بہ بدلجندڙ مڃيندا رهندوَ. جيسين پرِاستين ۽ جيون ۾
ق نہ لڳندو، تيسين کنهن نہ کنهن پرِاستتيءَ جي اِڇا کندا رهندوَ
نوارا سوچين ٿا تہ مڱڻي ۾ سکہ آهي، مڱيل سوچي ٿو شاديءَ ۾ سکہ
ي، شادي کيل سوچي ٿو تہ ٻارن ۾ سکہ آهي. پتي سوچي ٿو پتني
هنجي چئي ۾ هلي تہ سکي ٿي وڃان ۽ پتني سوچي ٿي پتي منهنجو
يو مڃي تہ سکي ٿي وڃان. پر ذرا ڏسو تہ جيکي پتي - پتني هک ٻئي

پرِاستٽي ۽ جيون

پرم پوجنيہ سائين آشارام صاحب

پرماتما پراپتي تمام سولي آهي. اُبتي (غلط) اپياس جي کري
ڏکي پيئي لڳي. جيستائين اها سمجھہ نٿي اچي تہ پرِاستٽي جيون نہ
آهي ۽ جيون بہ ڪا پرِاستٽي نہ آهي تيستائين پرم پد جي ڪنجي نٿي
ملي.

جيون اُنکي ٿو چئجي جنهن کي موٽ ڇهي بہ نہ سگھي، جتي ڪوبہ
دکہ، ڪليش ۽ مصيبت پھچي نٿا سگھن. پرِاستٽي (حالتن) کي موٽ
ڇهي سگھي ٿو پر جيون کي ڪڏهن بہ نہ. اسين پرِاستٽيءَ کي ئي جيون
سمجھڻ جي غلطي ڪري ٿا ويھون انکري پرِاستٽيءَ سان ٻڌجي ٿا
وڃون. پرِاستٿين جو ٻنڌن ئي اسانکي ڏيجاري ٿو ڇڏي، آسڪت ۽ پريشان
ڪري ٿو ڇڏي. جيڪڏهن انهن ٻنهي جو ڀيد سمجھہ ۾ اچي وڃي تہ
سيني دکن کان ڇوٽڪارو ملي وڃي.

اگر توهان پرتيکہ روپ سان اهو ڄاڻي وٺو تہ پرِاستٽي جيون ناهي، تہ
ڪابہ پرِاستٽي توهان کي پرڀاوِت نہ ڪري سگھندي. ٻيو فائدو اهو بہ
ٿيندو تہ توهان جو دکہ جو ڏپ لهي ويندو. چاهي ڪهڙي بہ حالت اچي
جيڪڏهن توهان جي اهائي سمجھہ ٻڌي رهندي تہ جيڪا اوستا آئي
آهي اها هڪ ڏينهن ضرور موٽي ويندي. نہ دکہ واري حالت ٽڪندي
آهي نہ سکہ جي حالت سدائين ساڳ هوندي آهي. ان گيان سان سکہ جي
پرِاستٽي ۾ آسڪتي نہ ٿيندي ۽ دکہ جي پرِاستٽيءَ ۾ ڏپ ٿيندو. ڏپ ۽
آسڪتي نہ ٿيڻ ڪري توهان جو چت نردوش، دوندرهِت ۽ نراهنڪاري
ٿي ويندو. چت چيتنيہ سروپ ۾ استٿي ٿي ويندو ۽ سڀيئي دکہ سدائين

...بره ڏئوي وڏان آهن ۽ ڏئوي وڏان سيني جي پلي لاءِ ئي هوندو
...ي. جيڪڏهن ڪوئي ٻهِيڙونہ ٿئي، ڪنهن جي ٻہ مرتيو نہ ٿئي تہ
...۽ سنسار روپي اسڪول ڪيئن هلي ؟ اسڪول مان تہ پراڻا شاگرد
...ر نڪرندا ۽ نوان پرتي ٿيندو آهن تڏهن اسڪول هلندو آهي.
... ٿئين ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ ستيہ ٻُڌي نہ رکو.
...ستائين حالتن ۾ ستيہ ٻڌي رهندي تيسين تائين سچي جيون جو
...شن نہ ٿي سگهندو. سچي جيون جو درشن يعنيِ پرماتما درشن. ٻئي
...ڪ ئي ڳالهہ آهي.

... انڪري اپياس اهڙو ڪرڻ گهرجي تہ ' مان هر هڪ پرِاسٿتيءِ جو
...شٽا آهيان' اهو گيان ٿي وڃي تہ پرماتما جي سٽا سان ئي پرِاسٿتيون
...ڪاش پائين ٿيون. انهن پرِاسٿتين جو ورٿن ۽ ويچار من ۽ ٻڌيءِ سان
... سگهي ٿو. مان انهن جو بہ ساڪي آهيان. پرِاسٿتين جو ساڪي پرماتما
...ي اهو ئي منهنجي آتما بٽيو ويٺو آهي. بدلجندڙ پرِاسٿتيون 'مان'
...يان. ٻال اوسٿا بدلجي ويئي اهو مان نہ هيس، جواني بدلجي رهي
...ي اها 'مان' نہ آهيان ۽ حالتن جو ساڪي چيتنيہ جيڪو آتما آهي
... مان آهيان.'' اهڙي اپياس سان سکہ جي آسڪتي ۽ ڏکہ جو ڏپ
...ي ويندو ۽ سمتا جو يوگہ پرگهٽ ٿي ويندو.

सुखं वा यदि वा दुखं

... چاهي سکہ جي پرِاسٿتي اچي يا ڏکہ جي، پر ان کي فقط پراسٿتي
...جهڻ وارو يڳت منهنجي مت انوسار پرم يوگي آهي.
... پرِاسٿتيون جيون نہ آهن ۽ اهي سدائين نہ رهنديون آهن. تہ پوءِ
... ڇا جو ۽ آسڪتي ڪنهن سان ؟ سکہ جي آسڪتي ۽ ڏکہ جو ڏپ
...ان جي انتہ ڪرڻ کي ملين ڪري ڇڏي ٿو. انڪري توهان پنهنجو

جي چئي ۾ هلن تا اُهي سکي آهن ڇا ؟ جن کي ٻار آهن اُهي سچ ۾ سکي آهن ؟ مکت آهن ڇا ؟ گهرائيءَ سان ڏسندا ته خبر پوندي ته اهي ٻه سکي نه آهن. ڪنهن به پراِستتيءَ ۾ سچو سک، پورڻ استرتا يا پورڻ جيون ڏسجي ڪونه ٿو. پورڻ سک ته فقط پرماتم پراپتيءَ ۾ ئي ممڪن آهي.

جيڪڏهن منش کي پراِستتيءَ جو اپيوگ ڪرڻ اچي وڃي ته هوُ پرماتما سان ايڪتا جوڙي سگهي ٿو. پر جي حالتن کي جيون سمجهڻ جي ڀُل ڪيوَ ته حالتون توهان کي پريشان ڪري چوراسي لک جنمن جي چڪر ۾ وجهي ڇڏينديون. اِها ڳالهه سيني ساڌنن جي چاٻي آهي. جيڪڏهن يوگي اِها ڳالهه سمجهي وڃي ته هن جو يوگ سِڌ ٿي ويندو ڀڳت جيڪڏهن اِهو سمجهي وڃي ته هن جي ڀڳتي سڪارٿي ٿي ويندي. ويچاروان جو ويچار سِڌ ٿي ويندو. اها ڳالهه سمجهي وهنوار ۾ آڻيو ته پرماتم پراپتي گهڻي پري نه رهندي، پرم سکي ٿيڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي.

ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ هرروز اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪو غلط اڀياس ٿي ويو آهي ته فلاڻي پراِستتي ايندي پوءِ سکي ٿينداسين، ان غلط اڀياس کي مٽائڻ جي لاءِ محنت ڪرڻ، ان جو نالو آهي ساڌنا ساڌنا جيڪڏهن ويچار سان ڪندا ته ٻيون ساڌنائون گ هڻي وقت تائين ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.

ڦهريون ويچار اهو ڪرڻو آهي ته حالتون اچڻ وڃڻ واريون آهن، پوءِ ڀل اُهي خوشيءَ جون هجن يا غم جون، بيماريءَ جون هجن يا تندرستيءَ جون، ڌپ جون يا چنتا جون، پر سڀ وڃڻ واريون آهن.

ٻي ڳالهه اها سمجهڻي آهي ته دک جي حالت کي اسان چاهيون ته به روڪي نٿا سگهون ڇاڪاڻ ته اُها قدرتي آهي. جيئن ڀڏاپو، موت

ساريرڪ تندرستي

چوماسي جي مند ۾

آهار : هنن ڏينهن ۾ اهڙو آهار نه ڪرڻ گهرجي جيڪو دير سان
ندو هجي، بدهاضمو ڪندو هجي. اهڙو آهار ورتائڻ سان وائيءَ جي
ڻ ڪري گئس جي تڪليف، پيٽ جو ڦندي پوڻ، سنڌن ۾ سور، دم
تڪليف وغيره شڪايتون ٿي پونديون آهن. بانسي، سڪا ۽ ڪوسي
وارا پدارٿ نه ورتائجن.

انهن ڏينهن ۾ ڳائيون مينهون ڪچو گاهه کائينديون آهن انڪري
ن جو کير سٺو نه هوندو آهي انڪري ساوڻ جي مهني ۾ کير، ساون
واريون ڀاڄيون ۽ ڀڏي ۾ ڏڌ ورتائڻ نقصانڪاري آهي.

انب ۽ مڪائي سنگهه

چوماسي ۾ انب ۽ مڪائي سنگهه کائبا آهن پر ٿوري ساوڌاني به
ڻ گهرجي.

انب : انب ڪڻو نه هجي، پال تان لٿل، بدبوءِ ۽ خراب سواد وارو نه
ي. چوسي چوسي کائجي. انب جي رس به ڪڏي سگهجي ٿي.
ڪڏهن هڪ دفعو ڏينهن ۾ صبح يا شام جو انب چوسي کير پيئجي
جاليهن ڏينهن ۾ سرير ۾ ٻل ۽ ورڻ وڌندو آهي ۽ بدن سگهارو ۽ سڊول
دو آهي. ڪمزور ۽ سنهڙن ٻارن جي لاءِ، ٻيڙن جي لاءِ، ڪمزورن جي
انب ڏاتو ورڌڪ ۽ پشتي دايڪ آهي.

مڪائي (سنگهه) : نرم ۽ کير جهڙن داڻن وارو تازو سنگهه سيڪي
ي کائجي. ڏاڍو چٻاڙي چٻاڙي کائي مٿان ڏڌ پيئڻ سان جلد ئي
م ٿيندو آهي. ان ڪانسواءِ هاضمو سٺو هجي ته کائجي نه ته دست،

پاڻ تي ڪرپا ڪريو. سڪ جي آسڪتي ۽ دڪ جو ڏپ هٽايو تہ توهانجو هردو شڌ ٿيندو ۽ شڌ هرديہ ۾ گرو ڪرپا،ڀڳوان جي ڪرپا سهج ئي پر گهٽ ٿيڻ لڳندي.

جتي پريم هوندو آهي اُتي ٻي ڪنهن پراِستتيءَ جي پرواهہ نہ رهندي آهي. سنسارڪ پريميءَ کي بہ ماتا-پتا، رشتن ناتن جي پرواهہ نہ هوندي آهي. جتي پريم هوندو آهي اُتي ٻيون پراِستتيون تڇ ٿي وينديون آهن. انڪري توهان پنهنجي جيون ۾ پريم وڌايو. پنهنجي آتما-پرماتما ۾ گرو تتوَ ۾ پريم وڌايو تہ ٻاهرين پراستتين جو توهان تي اثر نہ ٿيندو. جيڪڏهن پريم پاسا مٽائيندو تہ اهو پريم ناهي، پراِستتي آهي ۽ جتي پريم رکڻ سان مِٽجندو ناهي اهو پرميشور آهي، پرماتما آهي. انڪري توهان پراِستتي ءَ کي نہ، جيون کي، ساکيءَ کي، سچدانند کي، پنهنجي شڌ-ٻڌ سروپ کي اهميت ڏئي تہ پرماتما پراپتي توهان لاءِ سولي ٿي پوندي.

* جيو کي پنهنجي آتما جو، پنهنجي حقيقي سروپ جو ۽ ڀڳوان جي اُدارتا جو گيان نہ آهي. انڪري هن مايا جي جڳت کي سچو سمجهي ويچارو پرانتيءَ ۾ اُلجهي رهيو آهي.

** **

* نندڪ ماڻهو مکہ وانگر هوندو آهي. مکہ سرير جي اُتم انگن کي ڇڏي رت ۽ روڳہ تي ئي اچي ويهندي آهي. اهڙيءَ طرح نندڪ جي سنتن جي اوگڻن جي تي ئي اچي نظر پوندي آهي. اُنهن جي اڻڳڻين گڻن تي نظر نہ ويندي اٿس.

☆ योग यात्रा ☆

संत - कृपा सां संतान प्राप्ति

असांजी शादीअ खे लगभग ५ साल थी वया आहिनि। मई १९८९ खां १९९४ ताईं, पंजनि सालनि में चार भेरा साढ़नि पंजनि महिननि जो गर्भपात थी वयो।

असां हर तरह जी डॉक्टरी जाँच कराई। सभई रिपोर्टूं निल आयुं। असां मालेगाँव जे सभिनि ख़ास ख़ास डॉक्टरन खे देखारियो मगर सभ अजाया व्या। गर्भपात रोकण जे लाइ टिनि दीहाने में ७२ इंजेक्शन लगारायूं। बियनि जे चवण ते बाबा, धागा, दोरा, तावीज वगैरह बि आजिमाया पर उहे सभ बि अजाया वया। असां बिल्कुल निरासु थी वयासीं।

ठीक उन्हीअ वक्त हिक साधक असां खे पूज्य साईंजन जे बारे में बुधायो। असां साईंजनि जा कुझु किताब पढ़िया ऐं नासिक में ६ अप्रैल, १९९४ ते दीक्षा वरिती। इन खां पोइ १३ अप्रैल, १९९४ ते अहमदाबाद आश्रम में शिबिर जो लाभ वरितो। इन खां पोइ असां पति-पत्नी बिन्हीं मंत्र अनुष्ठान कयो। प्रभुअ जी कृपा सां गर्भ थियो। असां बिन्ही पको निश्चय कयो त डॉक्टर जी का बि दवा न कन्दासों ऐं इएं ई कयो।

१० जून, १९९६ ते असां खे पूज्य साईंजनि जी कृपा सां कन्या-रत्न जी प्राप्ति थी। इहो फकति पूज्य साईं जनि जी कृपा जो ई चमत्कार आहे। पूज्य साईंजनि जे श्री चरिणनि में कोटि कोटि प्रणाम्।

सौ. शोभा. प्रमोद भावसार
मालेगाँव (महाराष्ट्र)

اتيسارُ وغيره بيماريون ٿينديون آهن.

وِهار : هنن ڏينهن ۾ مڇرداني لڳائي سمهجي جيئن مڇرن جي چڪ ڪري مليريا وغيره روڳن کان بچاءُ ٿئي. سرير جي صفائيءَ جو پورو ڌيان رکڻ گهرجي ۽ هرروز ڌوتل ڪپڙا پائجن جيئن چمڙيءَ جا روڳ، سائي، ڪالرا، اتيسارُ جهڙن روڳن کان بچاءُ ٿئي. روز صاف پاڻيءَ سان مهني مهني سنان ڪري چڱي طرح بدن کي اُگهي ۽ صاف سڪل وستر پهرجن.

هنن ڏينهن ۾ وڌيڪ محنت يا ڪسرت نہ ڪرڻ گهرجي. ڏينهن جو سمهڻ، برسات ۾ ڀڄڻ، پُسڻ، نديءَ ۾ سنان ڪرڻ ۽ آلا ڪپڙا جلد نہ بدلائڻ نقصانڪار آهي. هنن ڏينهن ۾ ٿوري ماڪي چٽڻ بہ سٺو آهي. چوماسي ۾ تيل ماليش ڪري يا ميٽ هٽي سنان ڪجي ۽ هلڪا ڪپڙا پائڻ گهرجن.

خاص ڪري چوماسي ۾ رسائڻ جي روپ ۾ وڏي هريڙ جي چورڻ ۾ ساڳئي ماترا ۾ ڪنيل سيندو لوڻ ملائي سوير صبوح جو ڦڪڻ گهرجي. اهو چورڻ ۱ - ۲ (ننڍو) چمچو کڻ ڦڪي تازو ٿڌو پاڻي پيئڻ گهرجي.

سرل گهرو علاج

• قبضي دور ڪرڻ لاءِ پپيتو کائجي. ۲. تر ۽ ڳڙ گڏي کائجن.
۳. تقلو ۽ سيندو لوڻ ڪٽي ڦڪجي.

خوني بواسير : پراڻا آٽرا پيهين بہ گرام صبح ۽ شام ڳانءِ جي کير سان ۵ ڏينهن وٺجي.

خارش لاءِ : پاڻيءَ ۾ گونت گڏي نرم گرم ڪري ان سان سنان ڪجي.

दरवेश दर्शन

अध्यात्मिक माहवार रसालो

मार्च - जुलाइ १९९८			सालु २० परिचो ७
चन्दो :	भारत	विलायत	मुख्य कार्यालय
साल्यानो	१५	१५०	दरवेश दर्शन
आजीवन	१५०	१५००	श्री योग वेदांत सेवा समिति
सम्पादक :			संत श्री आशारामजी आश्रम
सीता वी. ब्रजवाणी			साबरमती, अहमदाबाद-३८० ००५.
फी कॉपी			फोन : (०७९) ७५०५०१०
			७५०५०११

पाठकनि दाहुं खास सूचना

● जेके सजण पंहिजी मेम्बरशिप वरी नई करण चाहिन उहे मनी आर्डर फार्म में पंहिजी पूरी एड्रेस, पिन कोड नंबर, ग्राहक नंबर एं कदहिं खां मेम्बरशिप नई करणी आहे इहो जरुर लिखी मोकिलींदा ।

● उत्तर प्रदेश, दिल्ली, पंजाब, राजस्थान, मध्य प्रदेश, एं महाराष्ट्र में शेवा करण जी इच्छा रखंदड़, साधक दरवेश दर्शन कार्यालय में लिखपढ़ कानि या मिलनि ।

● कंहिं बि तरह जी शिकायत या राय लिखण वक्त पंहिजो नालो, एड्रेस एं ग्राहक नंबर अवस लिखंदा ।

● 'दरवेश दर्शन' जो चंदो रोकड़, डिमांड ड्राफ्ट या मनी ऑर्डर जे रुप में स्वीकार कयो वेंदो आहे. चेक या पोस्टल ऑर्डर न वरिता वेंदा.

विक्रम संवत २०५५ सावण महिनो
(26 जुलाई खां 23 ऑगस्ट तांई)

दिन	तिथि/तारीख				
रविवार	१/26	८/2	१५/9	२२/16	२९/23
सोमवार	२/27	९/3	१६/10	२३/17	
मंगलवार	३/28	१०/4	१७/11	२४/18	
बुधवार	४/29	११/5	१८/12	२५/19	
गुरुवार	५/30	१२/6	१९/13	२६/20	
शुक्रवार	६/31	१३/7	२०/14	२७/21	
शनिवार	७/1	१४/8	२१/15	२८/22	

सावण महिने जा वढा दिण ऐं वार

४ कल्कि जयंती - ५ तुलसीदास जयंती

७ लोकमान्य तिलक पुण्य तिथी - १० ग्यारसि (एकादशी)

१३ रक्षाबंधन - सावण जी पूनम

१८ नागपंचमी - १९ वदी थधिड़ी (पचणु) २० - वदी थधिड़ी

२१ जन्माष्टमी - आजादीअ जो दीहुं २२ - रामानुज जयंती

२४ गयारसि (एकादशी) २५ बारसि - अन्नमटियो

२७ पितरनि जी ऊमास २८ ऊमास २९ चंडु

卐 卐

दरवेश दर्शन जा शेवाधारी साधक

श्री योग वेदांत सेवा समिति
संत श्री आशारामजी आश्रम
साबरमती, अहमदाबाद-३८० ००५.
फोन : (०७९) ७५०५०१०
७५०५०११

मोहन जी . रोहिरा
५, उपहार प्लाट - १४८
१० - रोड, खार मुम्बई - ४०० ०५२
फोन : (६४१७६७०)

संत श्री आशारामजी साहित्य केन्द्र
टाक प्लाजा, अम्बादेवी रोड,
अमरावती (महाराष्ट्र)

लाजिवंती भेण
~~१~~२६, कालीदास नगर
लम्बे हनुमान रोड,
टीकमनगर - १ जे भरसां
सूरत फोन (६४६८६२)

संत श्री आशारामजी आश्रम
ओ.टी. सेक्शन,
उल्हासनगर - ४२१००२
फोन (५४२६९६-५६३८८१)

श्री योग वेदांत सेवा समिति
किशनचंद सुमोमल धनवाणी
'हरिॐशांति' निवास कच्ची खोली
सिंधी कॅम्प, अकोला
(फोनः ४३५१७९)

किको स्टूडियो
दुकान नं १, प्लाट नं. २८७
वार्ड १२-ब, गाँधीधाम
(कच्छ) म.प्र.
फोन : (२२०८३)

लता खटवाणी
म.न. १३२५स वार्ड नं. ३,
लोधा मौहला, नसीराबाद,
अजमेर (राज) ३०५६०१
फोन नं २०९१४

● कोबि ख़त या एड्रेस लिखण वक्त अखर कंहिं बि भाषा में पर साफ ऐं चिटा लिखंदा, साण साण पिन कोड (एड्रेस में) लिखण न भुल्जन्दा ।

DARVESH DARSHAN (Monthly)

Shri Yog Vedant Samiti, Sabarmati, Ahmedabad-5.

Postal Registration No. : GAMC 640 ◻ July, 1998

Lic. to Post Without Pre-Payment Lic. No. : 273



ستگرو ارتات ڪير ؟........ جن جي سانيڌيہ
ماتر سان توهانکي پنهنجي ڀُليل شِو سروپ جي
ياد اچي وڃي، جن جي نيڻن ۾ نهارڻ سان توهان
کي پنهنجين اکين ۾ نور نظر اچي، جن جي
واڻيءَ ۾ توهان کي پنهنجي انتر آتما جو مڌر
سنگيت ٻڌڻ اچي، جن جي حاضريءَ ۾ توهان
جو جيوپڻو متجڻ لڳيءَ اندريون سُتل وِرات
شڪتيون جاڳڻ لڳن. تنا جن جي شرڻ ۾ وڃڻ
سان توهان پنهنجو اهنڪا[illegible] پڻ ڪرڻ لاءِ تيار
ٿي وڃو.